

# موجوده سياسي بحران:
# ڪجهه اهم سوال!

– جامي چانڊيو

سپريم ڪورٽ طرفان شريف پائرن کي ملڪ واپس اچڻ جي اجازت ڪانپوءِ اِهي سوال گردش ۾ هئا تہ ڇا نواز شريف سعودي بادشاهہ سان معاهدي جي پيچڪڙي ڪندي ملڪ واپس ايندو يا نہ؟ ڇاڪاڻ تہ هڪ طرف سپريم ڪورٽ جي ان فيصلي منجهان مشرف خوش نہ هو تہ ٻئي طرف سعودي سرڪار پڻ واضع ۽ اعلانيہ طور مٿس دٻاءُ وڌو تہ هو ڏهہ سال پورا ٿيڻ کان اڳ ملڪ واپس نہ اچي، پر نواز شريف فوري طور ملڪ اچڻ جو اعلان ڪيو ۽ ڏهہ سيپٽمبر تي نيٺ هڪ وڏي وفد سان گڏ اسلام آباد ايئرپورٽ تي لٿو. جيتوڻيڪ ڪيس اسلام آباد ايئرپورٽ تي لهڻ تہ ڏنو ويو پر ڪيس زبردستي يا دوکي سان واپس سعودي عرب اُماٽي ٻيهر جلاوطن ڪيو ويو. ملڪ جيڪو اڳ ئي زبردست سياسي ۽ رياستي بحران ۾ آهي، اهو نواز شريف جي هن ٻيهر جلاوطنيءَ ڪانپوءِ وڌيڪ پيچيده حالتن جي ڇڄواٽي تي اچي بيٺو آهي. نواز شريف جي ٻيهر جلاوطنيءَ ڪانپوءِ پيدا ٿيل صورتحال کي هيٺين ڇئن رخن کان ڏسي سگهجي ٿوءِ ڪي نوس نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا.

(1) نواز شريف جي ملڪ ڏانهن واپسيءَ ۽ ٻيهر جلاوطنيءَ سندس شخصيت توڙي پارٽيءَ لاءِ نئين ۽ وڌيڪ پيچيده صورتحال کي جنم ڏنو آهي . ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ گذريل ٻن سالن کان نواز شريف بينظير ڀٽو جي پيٺ ۾ وڌيڪ چٽائيءَ ۽ واضع موقف سان



سياسي منظر تي پنهنجا اثر ڇڏيندو رهيو آهي. ”جمهوريت جي معاهدي“ کان وٺي جنرل مشرف بابت رويي ۽ جمهوريت جي بحاليءَ جي سوال تائين پ پ پ يا بينظير ڀٽو جي پيٺ ۾ سندس رويو وڌيڪ متوازن ۽ واضع رهيو آهي. تازو جڏهن هن ملڪ ڏانهن هر صورت ۾ واپسيءَ جو اعلان ڪيو تہ ان ڳالهہ ملڪ جي سياسي ۽ عوامي حلقن ۾ چڱو چڙٻول پيدا ڪيو ۽ اندازو اهو هو تہ سندس واپسي ملڪ جي سياسي حالتن ۾ وڏو تحرڪ پيدا ڪندي. جيتوڻيڪ اها بہ حقيقت آهي تہ سندس جبري واپسي/ جلاوطني مجموعي طور عوام کي نہ وڻي ۽ عوام جي گهٽائيءَ ان کي سنيءَ نظر سان نہ ڏٺو پر حقيقت اها بہ آهي تہ ان واقعي هڪ دفعو وري ڪيس سياسي ۽ اخلاقي طور ڪمزور ڪيو آهي. ان جا خاص سبب هي آهن.

(الف) نواز شريف ۽ سندس پارٽي گذريل ستن سالن کان مسلسل ان ڳالهہ کان انڪار ڪندا رهيا آهن تہ انهن مشرف يا سعودي سرڪار سان ڪابہ ڊيل نہ ڪئي آهي. هينئر جڏهن نواز شريف هر حال ۾ ملڪ واپسيءَ جو اعلان ڪيو تہ هڪ طرف مشرف سرڪار ان معاهدي جي ڪاپيءَ کي پڌرو ڪيو تہ ٻئي طرف سعودي سرڪار بہ ڀھريون پيرو اها ڳالهہ واضع ڪئي تہ نواز شريف ڏهن سالن تائين نہ رڳو پاڪستان نہ اچڻ پر سياست نہ ڪرڻ لاءِ بہ پابند آهي. اها ڳالهہ تہ هاڻي نواز شريف بہ مڃي ٿو تہ هن جو سعودي سرڪار معرفت معاهدو ٿيو هو. ان معاهدي جنهن جو ڇڙٻول گذريل ستن سالن کان ملڪ ۾ ٿي رهيو هو، ان جي تصديق اخلاقي ۽ سياسي طور نواز شريف جي ساک کي سخت ڌڪ رسايو آهي. سڀ کان ڀهرين تہ ڪنهن عوامي سياسي اڳواڻ کي اهو جڳائي ئي نہ ٿو تہ اهو رڳو ڪيسن ۽ جيل جي سختين جي خوف کان ڪنهن ٻئي ملڪ جي بادشاهن معرفت وقت جي هڪ آمر سان ڪوبہ معاهدو ڪري تہ هو ڏهن سالن تائين مورڳو سياست ئي نہ ڪندو. نواز شريف جي ان اڳ ڪيل سنگين غلطيءَ هيئنر جنرل مشرف کي اهو جواز ۽ وَجهہ فراهم ڪيو تہ هو ڪيس ايئن ٻيهر جلاوطن ٿيڻ تي مجبور ڪري سگهي. ڇيو پيو وڃي تہ هيئنر سعودي سرڪار نواز شريف کي عملي طور نظربند ڪري رکيو آهي ۽ سندس پاسپورٽ پڻ سرڪار جي قبضي هيٺ آهي. نظر اهو پيو اچي تہ نواز شريف هاڻي ڏهن سالن جو مُدو پورو ٿيڻ کان اڳ واپس اچي نہ سگهندو. خاص طور تي ان حالت ۾ جڏهن جنرل مشرف پ پ پ سان ڪنهن امڪاني/ يقيني ڊيل جي صورت ۾ وڌيڪ هڪ ٽرم لاءِ صدر چونڊجي ٿو اچي. ظاهر آهي تہ ان جو ايندڙ چونڊن ۾ مسلم ليگ (ن) جي ڪارڪردگيءَ تي وڏو اثر پوندو.

(ب) ميان نواز شريف جي واپسيءَ جي اعلان کانپوءِ جيتوڻيڪ اها تہ توقع ڪئي پئي وئي تہ مشرف سرڪار ڪيس سپريم ڪورٽ جي فيصلي باوجود آسانيءَ سان پاڪستان واپس اچڻ نہ ڏيندي. ان ڏس ۾ سعودي سرڪار ۽ انٽيليجنس جون سرگرميون پڻ رڪارڊ تي هيون. پر ان باوجود هڪ ڳالهہ محسوس ڪئي پئي وئي تہ نواز شريف جي قائم ٿيل ساک، APDM جي اتحاد جي سربراهيءَ ۽ ٻين سببن ڪري نواز شريف جو عوامي استقبال وڏي پئماني تي ٿيندو. مسلم ليگ (ن) يا APDM جي ليڊرشپ ڪهڙا بہ سبب ۽ جواز پيش ڪري پر حقيقت اها آهي تہ اهي عوام جي وڏي انگ کي سياسي طور Mobilize نہ ڪري سگهيا. نہ رڳو ماڻهو سندس آمد جي موقعي تي اچي نہ سگهيا پر سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ سندس ملڪ نيڪالي/ ٻيهر جلاوطنيءَ کانپوءِ بہ عوام جو ڪو متحرڪ ردعمل سامهن نہ اچي سگهيو. اخباري رپورٽن موجب خود نواز شريف ان ڳالهہ جو سخت نوٽيس ورتو آهي. نواز شريف جو موجوده حالتن ۾ ملڪ اچڻ ۽ سندس ٻيهر جلاوطني ڪو معمولي واقعو نہ هو پر ان تي ڪنهن مضبوط ردعمل سامهون نہ اچي سگهڻ نواز شريف ۽ مسلم ليگ (ن) جي ساک کي سخت ڌڪ رسايو آهي، خاص طور ان حوالي سان تہ کين عوام کي متحرڪ ڪرڻ جي وڏي صلاحيت ۽ طاقت نہ آهي. ان جو هڪ وڏو سبب اهو بہ آهي جو مسلم ليگ جو سڄي ملڪ ۾ ڪوبہ مضبوط تنظيمي سيٽ اپ ڪونهي. سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد ۾ تہ هوئن ئي هن پارٽيءَ جو ڪو مضبوط سياسي ۽ تنظيمي ۽ عوامي بنياد نہ رهيو آهي، جو آغاز ۾ پي ايم ايل (ن) هڪ شائونسٽ پنجابي پارٽيءَ طور اُڀري هئي پر مسلم ليگ (ن) جي سياسي مزاج تبديل ٿيڻ کانپوءِ بہ پارٽيءَ ٻين صوبن ۾ پنهنجو ڪو تنظيمي بنياد مضبوط نہ ڪيو آهي. ٻئي طرف پنجاب جي صورتحال اها آهي جو اهو عملي طور ٽن حصن ۾ ورهايل آهي، ڏکڻ پنجاب جيڪو سرائيڪي بيلٽ آهي، اهو شروع کان پ پ جو ڳڙهہ رهيو آهي، جيتوڻيڪ جاويد هاشميءَ جو تعلق ان علائقي يعني ملتان سان آهي پر پوءِ بہ هن جو سياسي ڳڙهہ شاگرد سياست کان وٺي لاهور رهيو آهي. پوٺوهار جو سڄو علائقو جيئن تہ فوجي اثر جو علائقو آهي، ان ڪري ان جو سياسي مزاج بہ پنهنجو آهي. اهو علائقو انهن سياسي/ فوجي خاندانن جي حوالي رهيو آهي، جيڪي مختلف پارٽين سان وابستہ هئڻ باوجود بنيادي طور اسٽيبلشمينٽ سان رهيا آهن. اهومجموعي طرح ”چوڌرين“ جو علائقو آهي. باقي ٽئين حصي ۾ مسلم ليگ (ن) جو اثر آهي پر ساڳئي وقت اتي پ پ پ ۽ جماعت اسلامي جو بہ اثر آهي، خاص طور پ پ پ جو. ان ڪري پ ايم ايل (ن) جيتوڻيڪ ليڪجي هڪ ملڪ گير پارٽي ٿي پر ان جو تنظيمي دائرو عوامي سگهہ جي خيال کان ايترو وسيع نہ



آهي. نواز شريف جي جلاوطنيءَ وارو دؤر، جنهن ۾ مسلم ليگ پنهنجو سياسي مؤقف ۽ ڪردار تبديل ڪري ساک ٺاهي، ان دؤران بہ اُها پنهنجو تنظيمي دائرو سڄي ملڪ ۽ چئني صوبن تائين حقيقي عوامي سگهہ جي حوالي سان وڌائي نہ سگهي. مسلم ليگ طرفان عوام کي تازو متحرڪ نہ ڪري سگهڻ جو هڪ وڏو سبب اهو بہ آهي.

(ت) APDM لنڊن جي آل پارٽيز ڪانفرنس جي نتيجي ۾ ٺهيل نئون سياسي اتحاد آهي، جنهن جي سربراهي نواز شريف وٽ آهي. حقيقت اها آهي تہ اي آر ڊيءَ جي ٽُٽڻ ۽ APDM ٺهڻ جو ذميوار پ پ ۽ بينظير ڀٽو آهن، جن جنرل مشرف بابت سرد مهريءَ وارو رويو اختيار ڪيو آهي. موجوده ملڪي صورتحال ۾ APDM واحد ملڪگير اتحاد آهي، جنهن ۾ هڪ طرف چئني صوبن کان مختلف سياسي ڌريون موجود آهن تہ ٻئي طرف اهو واحد اتحادآهي جيڪو موجوده حالتن ۾ جنرل مشرف خلاف واضع موقف اختيار ڪيو وينو آهي. اهو چوڻ غلط آهي تہ APDM ڪو آءِ جي آءِ جي ٻي شڪل آهي. هن اتحاد ۾ مذهبي ڌريون ضرور موجود آهن پر ان ۾ عوامي نيشنل پارٽي، عوامي تحريڪ، پشتون خوا ملي عوامي پارٽي، نيشنل پارٽي، تحريڪ انصاف جهڙيون ڌريون پڻ شامل آهن، جيڪي ملڪ جون روشن خيال، وطن دوست سياسي پارٽيون آهن. مذهبي پارٽيون سدائين اسٽيبلشمينٽ جون ڳيجهو رهيون آهن پر هن دفعي اُهي مجبور آهن تہ اهي جنرل مشرف ۽ فوج جي بالادستيءَ خلاف روشن خيال سياسي ڌرين سان گڏجي بيهن. سياست ۾ اهو نہ ڏسبو آهي تہ ڪير ڪنهن سان گڏ بيٺو آهي، ڏسبو اهو آهي تہ ڪير ڪنهن جي Terms تي ڪنهن سان گڏ بيٺو آهي؟ هن وقت ملڪ ۾ نقطہ نظر جو سڪو روشن خيال ڌرين جو هلي ٿو. ها البتہ اهو سوال ضرورآهي تہ APDM ڪو وڏو ممڻ مچائڻ جي پوزيشن ۾ آهي يا نہ؟ جيڪڏهن وڪيل چوڌري افتخار جي بحاليءَ لاءِ زبردست عوامي تحريڪ هلائي سگهن ٿا تہ پوءِ APDM هيترين سياسي پارٽين جي هوندي ڪو سياسي طوفان ڇو نہ ٿو برپا ڪري سگهي؟ هن دفعي نواز شريف جي آمد ۽ ٻيهر جلاوطنيءَ جي موقعي تي APDM بہ ڪو وڏو عوامي تحرڪ پيدا نہ ڪري سگهي. اتحادي سياسي پارٽين جي رڳو Token شرڪت هئي. مولانا فضل الرحمان تہ مورڳو عين موقعي تي عمري جي سعادت لاءِ سعودي عرب روانو ٿي ويو. هن وقت ملڪ سياسي طور ٻن ڪئمپن ۾ ورهايل آهي. هڪ ڪيمپ مشرف سان گڏ بيٺي آهي ۽ بيهڻ چاهي ٿي ۽ ٻي ان مان هر صورت ۾ جان آجي ڪرائڻ چاهي ٿي. پر سوال رڳو موقف جو ناهي، سوال اهو بہ آهي تہ موجوده حالتن ۾ اسٽيبلشمينٽ ۽ مشرف مخالف ڌر طاقت جي توازن ۾ ڪيترو وزن رکي ٿي؟ ۽ ان جو ڪيترو اثرائتو ڪردار آهي؟ في الحال مشرف کي APDM مان ڪو وڏو حقيقي سياسي خطرو محسوس نہ پيو ٿئي. نواز شريف جي آمد

۾ پيهر جلاوطنيءَ جي موقعي تي اها ڳالهه هڪ ڀيرو وري محسوس ٿي. APDM جيڪڏهن جدجهد جي ميدان تي ڪو ڀوتو نه ڀاريو ته اهو اتحاد Counter Productive به ٿي سگهي ٿو.

(ث) نواز شريف جيتوڻيڪ به ڀيرا وزيراعظم رهي چڪو آهي ۽ مسلم ليگ(ن) ملڪ جي ٻيو نمبر وڏي پارٽي آهي پر ان باوجود ان جي سفارتي محاذ تي ڪارڪردگي ڪا ايڏي بهتر ناهي. نواز شريف Lobbying جي فن ۾ اجان تائين ڪمزور نظر اچي ٿو خاص طور بين الاقوامي حوالي سان. جڏهن ته موجوده حالتن ۾ پنهنجي واضع موقف سبب هڪ وڏيڪ اثرائتو ٿي سگهي ٿو. هن جي بين الاقوامي سرگرمين جو دائرو پڻ محدود آهي. مسلم ليگ (ن) ۾ وري به احسن اقبال اها ڪوٽ هڪ حد تائين پوري ڪري ٿو جو هو پڙهيو لکيو ۽ قابل ماڻهو آهي پر ليڊرشپ جو اهو اثرائتو ڪردار ان حوالي سان نظر نٿو اچي.

(ج) نواز شريف جو سياسي ڳڙهه پنجاب آهي پر دلچسپ حقيقت اها به آهي ته پنجاب جو سمورو ترقي پسند ۽ روشن خيال دانشور ۽ سياسي لڏو سندس سخت مخالف نظر اچي ٿو جو اُهي کيس ساڄيءَ ڌر جو نمائندو سمجهن ٿا. جيڪا هڪ حقيقت آهي. ان لڏي وٽ نواز شريف جي ڀيٽ ۾ بينظير ڀٽو ۽ پ پ پ لاءِ وڏيڪ سافٽ ڪارنر نظر اچي ٿو جو اُهي پ پ پ کي هڪ سيڪيولر پارٽي سمجهن ٿا. مسلم ليگ (ن) سان جماعت اسلاميءَ جي ويجهڙائيءَ به کين پنجاب ۾ سياسي طور ڏک رسايو آهي. پر حقيقت اها آهي ته مسلم ليگ (ن) جي سموري ٿنڪ ٽئنڪ جماعت اسلامي جو پس منظر رکي ٿي. جاويد هاشمي، احسن اقبال، صديق الفاروق وغيره ان جا واضع مثال آهن. پنجاب ۾ کابي ڌر ڪٽي عوامي سطح تي ايترو اثر نه رکندي هجي پر راءِ عامه کي ناهڻ ۾ انهن جو اثرائتو ڪردار رهيو آهي ۽ اهو لڏو پڻ نواز شريف ۽ مسلم ليگ (ن) جي خلاف پنجاب ۾ سخت سرگرم نظر اچي ٿو. مسلم ليگ (ن) وٽ ڪابه حڪمت عملي نه آهي ته اها ان جو ڪو اثرائتو توڙ ڪڍي سگهي.

(2) نواز شريف جي ٻيهر جلاوطنيءَ جا اثر سندس وڏي ۾ وڏي حريف جماعت پ پ پ تي به پوندا. اخلاقي اعتبار کان ڏسجي ته اُهي اثر منفي آهن. جو پ پ پ مشرف سان آءِ ايس آءِ معرفت ڊيل ۾ رڌل آهي ته نواز شريف پنهنجي مشرف مخالف رويي سبب هڪ دفعو وري جلاوطن ڪيو ويو آهي. ان صورتحال ۾ اخلاقي طور پاسو نواز شريف جو حاوي نظر اچي ٿو پر سياست ۾ رڳو اخلاقي دٻاءَ ڪم نه ٿو ڪري. مجموعي ۽ عملي طور نواز شريف جي ٻيهر جلاوطنيءَ جو پ پ پ کي فائدو ٿيو آهي ۽ ٿيندو. هڪ ته خاص طور اليڪشن ۾ پ پ پ کي نواز شريف جي عدم موجودگيءَ جو وڏو فائدو ٿيندو. ٿي سگهي



ٿو اهو به پ پ پ ۽ مشرف جي ڊيل جو هڪ ڳجهو نقطو هجي ته اليڪشن ۾ نواز شريف کي ميدان کان ٻاهر رکيو ويندو. جو اُهي ٻنهي ڌرين يعني پ پ پ ۽ مشرف کي Suit ڪري ٿو. خاص طور تي پ پ پ کي اهو فائدو پنجاب ۾ ٿيندو. جنهن کي حڪمت عمليءَ طور پ پ پ به اوليت ڏيندي، جو پاڪستان ۾ ”ڪٽڻ يا هارائڻ“ جو ”هنڌ“ پنجاب ئي آهي. پ پ پ ٻن حوالن سان موجوده صورتحال جو موقعي پرستيءَ جي حوالي سان فائدو وٺي رهي آهي. هڪ طرف ان کي خبر آهي ته آمريڪا جي ضرورت ۽ مشرف جي مجبوري آهي ته ساڻس ڊيل ڪئي وڃي ۽ کيس ايندڙ حڪومت ۾ وڏو Share ڏنو وڃي، ٻئي طرف پ پ پ کي اها خبر آهي ته سمورين ڪمزورين ۽ موقعي پرستين باوجود ملڪ ۾ عوام وٽ مجموعي طور ٻي ڪا چوائس موجود نه آهي. اها بهرحال حقيقت آهي ته پ پ پ ملڪ جي وڏي ۾ وڏي سياسي پارٽي آهي. ان جي تنظيم چئني صوبن ۾ موجود آهي ۽ ان وٽ ڪارڪن به چئني صوبن ۾ موجود آهن. مشرف کي به خبر آهي ته موجوده بحران ۾ عوام سندس خلاف ڀريو وينو آهي ۽ پ پ پ جي صورت ۾ ان بحران کي وقتي طور ٽاڏو ڪري سگهجي ٿو. جو پ پ پ جي حڪومت ڪرپشن کي Democratize ڪندي آهي. اهو ممڪن آهي ته پ پ پ موجوده ملڪي ۽ رياستي بحران جو فائدو وٺي ايندڙ حڪومت ۾ چڱو Share ۽ رليف وٺي وڃي پر حقيقت اها آهي ته اخلاقي طور ان پنهنجو الهه تلهه وڃايو آهي. يعني جڏهن مذاڪرات آءِ ايس آءِ جي سربراهه معرفت ڪيا وڃن ته پوءِ باقي ڇا ٿو بچي؟ دلچسپ ڳالهه ته مذاڪرات ۾ پارٽيءَ جا ڪي ٻيا اڳواڻ به شامل نه آهن. بينظير ڀٽو اڪيلي سر ڳجهي ڊيل جو سلسلو جاري رکيو اچي. مذاڪرات/ ڊيل جي ٽيبل تان امين فهيم، اعتزاز احسن، رضا رباني، جهانگير بدر، مطلب ته سڀ سينيئر اڳواڻ گم آهن. يعني بينظير ڀٽو کي عوام ته ڇهيو پر پنهنجي پارٽيءَ جي اڳواڻن تي به اعتبار نه رهيو آهي، ظاهر آهي ته ان جا نتيجا ڪي به بهتر سامهون نه ايندا.

پيپلز پارٽيءَ لاءِ هاڻي ساک ڪوبه مسئلو نه رهيو آهي. بينظير سمجهي ٿي ته سندس پارٽي هاڻي فقط ۽ فقط پاور ۽ اقتدار ذريعي ئي جيئدان حاصل ڪري سگهي ٿي. ڇاڪاڻ ته عوام مان هيءَ پارٽي ڪڏهوڪو هٿ ڪڍي چڪي آهي. هاڻي سندس سڄو آسرو آمريڪا ۽ اسٽيبلشمينٽ جي رويي تي آهي، پر حقيقت ۾ جي گهرائيءَ سان ڏٺو وڃي ته هن وقتي صورتحال مان ته پ پ پ پنهنجي موقعي پرستيءَ سبب فائدو وٺي ويندي پر ڇا ان کي اندازو آهي ته مستقبل ۾ ان لاءِ ڪهڙا اشوز ڪاريهر وانگر ڦڻ ڪڍيو ويٺا آهن. ان حوالي سان هيٺيان نقطا اهم آهن.

(الف) سڀ کان پهرين ڳالهه تہ مشرف ڪين ڪرسيءَ ۾ Share تہ ڏيندو پر ڇا ڪين پاور ۾ بہ Share ملندو؟ جنرل مشرفورديءَ ۾ هجي يا ورديءَ کان ٻاهر، ان جو مزاج ئي جمهوري يا اختيار Share ڪرڻ وارو نہ آهي. سوال آهي تہ بي اختيار ڪرسيءَ ۽ نالي ماتر اقتدار ۾ حصيداري بينظير ۽ پ پ پ جي مستقبل ۾ ڪٿي بيهاريندي؟ اهو سمجهڻ گهڻو ڏکيو نہ آهي.

(ب)مان بار بار اها ڳالهہ لکندو رهيو آهيان تہ هي بحران ڪو رڳو مشرف يا حڪومت جو ناهي پر دراصل رياست جو آهي، جيڪو انيڪ صورتن ۾ پنهنجو اظهار ڪري رهيو آهي. ملڪ ۾ جيڪو جهادي قوتن طرفان آپگهاتي سلسلو شروع ڪيو ويو آهي، اهو آمريڪا ۽ فوج گڏجي بہ سنڀالي نہ پيا سگهن. سوال آهي تہ سياڻي ڇا پ پ پ جڏهن نالي ماتر اقتدار جي صورت ۾ هن سڄي رياستي بحران جي منهن ۾ هوندي تڏهن ڇا اها هن جهادي ۽ آپگهاتي لهر کي منهن ڏئي سگهندي؟ جنهن مسئلي کي فوج بہ منهن نہ پئي ڏئي سگهي، ڇا ان کي بينظير ڀٽو يا پ پ پ جي حڪومت منهن ڏئي سگهندي؟

(ت) ملڪ ۾ قومي سوال ڏينهون ڏينهن شديد کان شديد ٿيندو پيو وڃي ۽ رياست ان کي حل ڪرڻ جي نہ هيستائين ڪا ڪوشش ڪئي آهي ۽ نہ ان جو اهڙو ڪو ارادو نظر اچي ٿو. بلوچستان ۾ باهہ ٻريل آهي ۽ سنڌ لاءِ پاڻي ۽ ناٽي توڙي قومي خود مختياريءَ جو سوال بنيادي ۽ اهم ترين سوال آهي. ڇا ڊيل تحت ايندڙ پ پ پ حڪومت ان صورتحال کي فضيلت سان منهن ڏيڻ جي قابل هوندي؟ ظاهر آهي تہ نہ! ٻيو تہ ٺهيو پر مشرف بار بار چئي رهيو آهي تہ 2016ع تائين هو ڪالاباغ ڊيم سميت سمورا وڏا ڊيم هر صورت ۾ ٺاهيندو. ڇا بينظير ڀٽو ۽ پ پ پ حڪومت کيس ان کان روڪي سگهندي؟ ۽ جي نہ تہ پوءِ اها سنڌ توڙي ملڪ ۾ ڪيئن هلي سگهندي؟ گريٽر ٿل ڪئنال خلاف پ پ پ سنڌ ۾ جدوجهد ۾ شامل رهي آهي. ڇا اها حڪومت ۾ اچي ان جي اڏاوت کي روڪرائيندي؟ ۽ جي نہ تہ پوءِ اُها نتيجن جو بار سهي سگهندي؟ ساڳيءَ طرح سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم جو سوال آهي، ايم ڪيو ايم مشرف جي پوري دؤر ۾ سنڌ کي جيئن بيدرديءَ سان پيليو آهي، ڇا پ پ پ ان سان گڏ سنڌ حڪومت ۾ ويهي سنڌي عوام جي ردعمل کي منهن ڏئي سگهندي؟

ملڪ ۾ غربت، ايجنسين جي سياسي ڪردار، لاقانونيت ۽ رياست جي بحران جون ٻيون شڪليون پنهنجي جاءِ تي اڳ موجود آهن، جن کي نالي ماتر ۽ ڊيل ذريعي ملندڙ اقتدار سان پ پ پ تہ ڇا ڪوبہ منهن ڏئي نہ سگهندو؟ پاڻ ويتر هن گهڻ طرفي رياستي بحران جو بار اجايو پنهنجي ڪلهن تي کڻندو؟



(3) موجوده صورتحال جي هن سموري بحران جو ٽيون پاسو جنرل مشرف جو آهي. جيتوڻيڪ نظر اهو پيو اچي تہ وقتي طرح جنرل مشرف هن بحران مان پار پئجي ويو آهي ۽ کيس پ پ پ جي موقعي پرستي، آمريڪا جي آشيرواد ۽ مسلم ليگ (ن) جي ڪمزور حيثيت وقتي طرح جيئدان ڏنو آهي پر جيئن تہ هيءُ رياستي بحران آهي ۽ اهو مستقبل ۾ هر حوالي سان شدت اختيار ڪندي نظر اچي رهيو آهي. ان ڪري جنرل مشرف پاڻ بہ سياڻي ڪانوَ وانگر بہ ٽنگو ڦاسڻ ڏانهن وڃي رهيو آهي. اسٽيبلشمينٽ کي اڄان تائين اهو احساس نہ ٿيو آهي تہ هيءُ ملڪ ۽ سندن ناجائز مفاد معروضي طرح هڪ بدترين ڊيڄ ڏانهن ڌڪجي رهيو آهي. جنرل مشرف اقتدار ۽ پاور جي جنون ۽ حوس ۾ سڀ حواس ۽ هوش وڃائي چڪو آهي. هن رياستي بحران جي صورتحال اها رهي آهي تہ ملڪ ۾ بدترين ۽ پُرتشدد انارڪيءَ سان گڏ گهرو ويڙهہ جو خطرو آهي. ان گهرو ويڙهہ ۾ پُرتشدد انارڪيءَ جو نزلو بہ گهڻي ۾ گهڻو رياستي ادارن ۽ اسٽيبلشمينٽ تي ڪرندو جو هن دفعي سمورن بحران جو منهن ان ڏانهن آهي. جهادي قوتون، سول ملٽري تضاد، قومي سوال، اُپرندڙ بک، غربت ۽ طبقاتي سوال، لاقانونيت، عوام جي هن سموري Status_quo مان بيزاري- انهن سمورن محرڪن جو منهن "ڏٽين" ڏانهن آهي ۽ اهي اندروني، اخلاقي ۽ سياسي طور ان قابل ئي نہ رهيا آهن جو اُهي پنهنجو تحفظ ڪري سگهن. حالتون واضع ڪن ٿيون تہ عوام تہ هونئن ئي سورن ۾ آهي پر وقت اچي ويو آهي تہ جڏهن هاڻي سورن ۾ اُهي پڻ هوندا جيڪي انهن سورن کي پيدا ڪندڙ محرڪ قوتون آهن. جنرل مشرف جي خود فريب خود اعتمادي، ڪوتاهہ نظري ۽ هر شيءِ داءَ تي لڳائيندڙ سوچ کيس ۽ سندس طاقت جي مرڪز کي ڪنهن منطقي نتيجي تي پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري بہ رهي آهي ۽ وڌيڪ بہ ڪندي. ڇاڪاڻ تہ جنرل مشرف جو رويو ان جواريءَ وارو آهي جيڪو پرائي پئسي تي جوا کيڏندو آهي،

(4) موجوده صورتحال ۾ هڪ اهم پاسو جنهن تي گهٽ ڌيان ڏنو پيو وڃي، اهو سول سوسائٽيءَ جي اثرائتي ڪردار جو آهي. جيتوڻيڪ سماج ۾ سڀ کان اهم ۽ اثرائتو ڪرادر سياسي پارٽين جو هوندو آهي ۽ هئڻ گهرجي، پر ساڳئي وقت معاشري جي ٻين سمورن شعبن يعني سول سوسائٽيءَ جي ڪردار جي بہ گهٽ اهميت نہ آهي. سياسي پارٽين سان گڏوگڏ اديبن، شاعرن، دانشورن، ڊاڪٽرن، وڪيلن، انجنيئرن، استادن ۽ ميڊيا سميت سمورن ذميواري غير سرڪاري ادارن جي اثرائتي ڪردار جي اهميت کان ڪير بہ انڪار ڪري نہ سگهندو. تاريخ ۾ ڪي موقعا اهڙا بہ هوندا آهن، جڏهن انهن جو ڪردار ڪن حالتن ۾ وڌيڪ اهم ٿي پوندو آهي. مثال طور سنڌ ۾ ون يونٽ جو دؤر هو،

تازو چيف جسٽس چوڌري افتخار جي بحاليءَ جي سلسلي ۾ وڪيلن جي تحريڪ جو غير معمولي ڪردار سامهون آيو. ضياءُ الحق دؤر ۾ سياسي پارٽين سان گڏ صحافين جي تحريڪ وڏا اثرا ڇڏيا هئا. موجوده حالتن ۾ پڻ ضرورت آهي ته رڳو سياسي پارٽين تي ڀاڙڻ بدران سول سوسائٽي به پنهنجو ڀرپور اثرائتو ڪردار اُڀاري. خاص طور تي سنڌ ۾ ان جي وڏيڪ ضرورت آهي. سياسي پارٽين ۽ ميڊيا سان گڏ سول سوسائٽيءَ جا پنهنجا به ڪي بنيادي فرض آهن، ڇاڪاڻ ته موجوده حالتن ۾ ۽ مستقبل ۾ جيڪي بدترين خطرا سامهون اچي رهيا آهن، انهن کي تڏهن ئي منهن ڏئي سگهبو جڏهن زندگيءَ جا سمورا شعبا ۽ ذميوار فرد ان ۾ پنهنجي پنهنجي ڪردار جو تعين ڪندا ۽ ان جو عملي ثبوت پڻ ڏيندا. ڇاڪاڻ ته جيئن هن ناڪام رياست ۽ ان جي ادارن تي ٽيڪ ڀاڙي سگهجي، تيئن اسٽيٽسڪو جي ڳيجهو سياسي پارٽين جي آسري تي به ماٺ ڪري ويهي نٿو سگهجي. هن سڄيءَ صورتحال ۾ سول سوسائٽيءَ کي پنهنجو اثرائتو ڪردار طئي ڪرڻو پوندو ۽ پنهنجي ذميوار ۽ زنده هجڻ جو ثبوت ڏيڻو پوندو.